# فهرست

| | | |
|---|---|---|
| اڄان جاڳ تي جلي | عبدالواحد آريسر | 11 |
| نئين نسل جي جاڳوڙ جو تنڊڙو تفصيل | حليم باغي | 13 |
| سنڌ پولارن جو تينگر | جمن دربدر | 14 |
| هو جو هوا جو جهوٽو آ | ڪوثر ٻرڙو | 16 |
| ڊرد جي ديس جو نمائيندو | امر ساهڙ | 18 |
| هن پن تي ماتم پلٽيو آهي | ايوب ڪوسو | 20 |
| رتي برابر پتي | امين ارباب | 28 |


## شاعري

| | |
|---|---|
| – هيءَ جا منهنجي ڌرتي آ. | 33 |
| – تون جابر تون آمر | 34 |
| – ڪي ڏٺيءَ در دانهين تا | 35 |
| – پري تو بن سري | 36 |
| – ڪيڏي انڌوڪاري آ | 37 |
| – تنهنجي منهنجي . | 38 |
| – سڄڻ مون ڪي ساريو هوندئي | 39 |
| – تڙپ تاڙو جيئن | 40 |
| – ڏينهن ڏکن جيئن | 41 |
| – ڳرندو هي گج وجي | 42 |
| – ڪيڙي سو ڪائي | 43 |
| – رات روئندي رهي | 45 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ٻرندو هي ڳج وڃي
ڇيهون ٿيندو ڇڇ وڃي

ڪاريءَ جي پٺو ڪان
رکيو هو لڄ وڃي

ٻانهن ٻڪوڙ ۾ ٿيو
هيج مان هُڄ وڃي

اِوچيو هليو ٿو وڃي
جنھن ٿيو وِڄ وڃي

نيڻ ڪٺي ٿو پوري
صفا ٿيو سُڄ وڃي

ڇٺوس ته روز توبن
راھ ٿيو رِڄ وڃي

هاءِ هاءِ هاٺي هي
سنڌ ٻه ٿيندي ڀڄ وڃي

☆

"ڀُڄ" ڀارت جي صوبي گجرات جو هڪ ضلعو آهي، جتي جنوري 2001 ۾ ڌرتي ڌٻڻ جي ڪري سوا لک ماڻهو مري ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

جهلڪ سان تون پلڪ ۾، هن خلق کي ڪاري وڃهندين
چلت اهڙي مرَ چل، ماڻهو ملڪ جا ماري وڃهندين

وار تنهنجا وار ڪندا، ڏڙ سسين ڪان ڏار ڪندا،
وار نہ اٿين وار پرين، ويندل کي واري وڃهندين

پوشاڪ تنهنجي جو لڳي ڪنهن کي شاڪ ويندو
ناچاڪ تي چاڪ ويندو، جي دل ڪنهن جي ڏتاري وڃهندين

دل سنگ جو سڙي انگ ويندو، لڳي جي تير تفنگ ويندو
ڏنگي اهڙو جي ڏنگ ويندو تہ ڏاڍيون دليون بہ ڏاري وڃهندين

اک نہ رک اک ۾، ويندو اڇي ڪو اک جي ٻک ۾
ڪک بہ سڙي رک ٿيندو، جي نفرت سان نهاري وڃهندين

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

اوهين پلي ڏور سهي
اسين پلي مجبور سهي
پر جڏهن اُتر واءُ وري
۽ سري پـ جي نـ سري
تـ ٿورو اسان کي بـ سارجو پرينءَ
ڪانگ اڏارجو پرينءَ
مٺان وسارجو پرينءَ.

اسان جي سڪ جي سُڏڪائي پرين
۽ اندر ڦٿڪائي پرينءَ
تـ لوڪون پاڻ لڪائي پرينءَ
اسان پر منهن ڪري
ٿورو نهارجو پرينءَ
مٺان وسارجو پرينءَ

چيٽ چانڊوڪيءَ هيٺ
منڊ مانڊو ڪيءَ جا وچن
توکي جي ياد اچن
تـ پوءِ هيل تـ پارجو پرين
مٺان وسارجو پرين.

بزمِ غزل جا لفظ
لبن تي لڳي لڳي لساڻي پون
۽ قول اوهان جا جي ڪساڻي پون
تـ پوءِ هنجون اوهين بـ هارجو پرينءَ
مٺان وسارجو پرينءَ
ٿورو اسان کي بـ سارجو پرينءَ.

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

راڳي راڳ اهڙو ڳاءِ جو ماڻهو مِڙي پون،
ماڻهو مِڙي پون، ڪي جيءَ جَڙي پون.

توري گهڻي ڳالهه تي، هر ڪو پيو ٻاڙو ٻولي،
ٻول اهڙا ٻڌاءِ جو ڳوڙها ڳڙي پون.

مون ڪي سارَي پاڻ سينگاريُو هوندو،
واڄو اهڙو وڄاءِ جو چيز چڙي پون.

دل جي اندر آ، دردن ديرو ڄمايو،
ديپڪ اهڙو ڏکاءِ، جو سور سڙي پون.

سنگيت ڪيِ ڪا جيت ڏياري ڏي "امين"،
بيجل ٻڌجي ٻڌاءِ جو روح رڙي پون.

☆

نسل جو هٿ اڄ بہ اُنهن ئي ڳڻن ۾ آ. ساڳيا ئي لاٽون ساڳيا ئي چڳ واروهي لڪاءُ اڄ بہ پنهنجي پر ۾ هڪ سوال ڌاري ٿو اِهو چئي تہ،

ڪماڙي ڌجي ڪهڙو ڏوهہ اياز
ڪپي ڳڻ ڪالهہ ويو، اسان جا هي ڪنڌ.

مٿيد جي انهي عالم هيٺ پيدا ٿيندڙ مايوسيءَ تي وقت جا قاضي راءِ ڪيئن جوڙيندا جڏهن وطن سان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪندي اسان جو نئون نسل چوندو تہ ”نرياسين دامنِ سحرا ۾ خوشبوءِ ئي اجائي وئي“ پر جڏهن تاريخ جي ورقن تي اک تي پوي تہ لڳي ٿو تہ اڙانگي منزل جو هي وقت مسافر اُنهن انسانن جو وار بہ وِنگو ڪري ناهي سگهيو جن وقت جي وڪ ۾ وِڪ ملائي ٽڪجي پوڻ بجاءِ ميدانِ وقت ۾ ويڙهاند ڪئي.

هي ڏکهي اڻانگي منزل آ، جت ڪيئن واقعا ٿيندا آهن
ڪي ٽڪبا آهن، ڪي ڏڄندا آهن، ڪي هنيلا ٿي هلندا آهن
ڪي ڦاسن ٿا، ڪي ڇٽڪن ٿا، ڪي سوچي پار پوندا آهن
ڪي هٿ وڏائي مڪر ۾، راند هارائي ويندا آهن
سچ جي جپ ڪپيل ڏسي، تاريخ جا ڏاها لڪندا آهن
ڪي ٽڪبا آهن، ڪي ڏڄندا آهن، ڪي هيلا ٿي هلندا آهن.

■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

